

# بجلي استعمال ڪرڻ جا مدني گل

سنڌي ترجمو


بجلي استعمال ڪرڻ جا 80 مدني گل 10
U.P.S تمام بجلي کپائيندو آهي 20
استري تمام گهڻي بجلي کپائيندي آهي 20
واشنگ مشين جي باري ۾ 3 مدني گل 23
گيس بچائڻ جا 3 مدني گل 27



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

## ڪجھ هن رسالي جي باري ۾ ......

ڪجھ ڏينهن اڳ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري جو هڪ وفد عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه) ۾ حاضر ٿيو، **دعوت اسلامي** جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران حاجي عمران سَلَّمَهُ الرَّحْمٰن سان ملاقات جي سعادت حاصل ڪئي ۽ بجلي جي فضول استعمال ۽ بجلي چوري ڪرڻ وارن جي مدني چينل تي مذمت ڪرڻ تي تمام گهڻي واڪاڻ ڪئي ۽ بجلي جي بچت ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ وارا ٻه هينڊ بل پيش ڪيا، نگران شوريٰ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه کي هينڊ بل ڏئي ڪري ڪجھ لکڻ جو ذهن ڏنو ۽ مون ڪجھ مشورا لکي ڪري اهي هينڊبل دعوت اسلامي جي مجلس "اَلمَدينة العِلميہ" کي موڪليا، انهن ان تي ڪجھ مواد تيار ڪري عنايت فرمايو ۽ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه ان جي ترتيب ۾ پنهنجو حصو ملايو، وري ان بجلي واري اداري جي نظر مان پڻ گذاريو، نگران شوريٰ ۽ المدينة العلميہ کان نظر ثاني ڪرائي، دعوت اسلامي جي "مجلس اِفتاء" شرعي تفتيش فرمائي ۽ اَلحَمدلله ائين هي رسالو **"بجلي استعمال ڪرڻ جا مدني گل"** منظر عام تي آيو. هن رسالي ۾ پيش ڪيل ٽيڪنيڪل (Technical) معلومات اڪثر انهن ٻن هينڊ بلن مان ورتي وئي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ هن رسالي کي عاشقان رسول جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي فائدن ۽ برڪتن جو سبب بڻائي ۽ ان جي ترتيب ۾ حصو وٺڻ وارن ۽ ان کي پورو پڙهڻ ۽ بجلي جي اسراف کان بچڻ وارن ۽ بچڻ وارين جي بي حساب بخشش فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# بجلي استعمال ڪرڻ جا مدني گل

غالباً شيطان اوهان کي هي رسالو پڙهڻ نہ ڏيندو پر اوهان ڪوشش ڪري پورو پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## درود شريف جي فضيلت

حضور اڪرم، نُورِ مُجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رحمت نشان آهي: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ اِسۡتِغفار (يعني مَغفرت جي دعا) ڪندا رهندا .

(المعجم الاوسط ج 1 ص 497 حديث 1835)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وليُّ الله جي دعوت جي حڪايت

**حضرت** سيّدنا **حَاتِم اَصَمّ** عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡاَکۡرَم کي هڪ امير شخص اِصرار ڪري ڪاڌي جي دعوت ڏني، پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن توهان منهنجا هي **ٽي شرط** مڃو تہ ايندس ﴿1﴾ مان جتي چاهيندس ويهندس ﴿2﴾ جيڪو چاهيندس کائيندس ﴿3﴾ جيڪو چوندس اهو اوهان کي ڪرڻو پوندو. ان مالدار اهي ٽئي شرط قبول ڪيا، وليُّ الله جي زيارت جي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا، مقرّر وقت تي حضرت سيّدنا **حَاتِم اَصَمّ** عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡاَکۡرَم جن بہ تشريف فرما ٿيا ۽ جتي ماڻهن جون جُتيون پيون هيون اتي ويهي رهيا. جڏهن ڪاڌو شروع ٿيو تہ سيّدنا **حَاتِم اَصَمّ** عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡاَکۡرَم پنهنجي جهولي ۾ هٿ وجهي سڪل ماني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلَّم : جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي . (مسلم)

جو ٽڪرو ڪڍيو ۽ کائڻ لڳا. جڏھن طعام جو سلسلو ختم ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ميزبان کي فرمايو: چُلھو ڪٽي اچو ۽ ان تي ٽئو رکو. حڪم تي عمل ڪيو ويو، جڏھن باھ جي تپش سان ٽئو ڳاڙھو لال ٿي ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پيرين اُگھاڙي ان تي بيھي رھيا، ۽ فرمايائون: ”مان اڄ جي کاڌي ۾ سڪل ماني کاڌي آھي.“ اھو چئي ٽئي کان ھيٺ لھي آيا ۽ حاضرين کي فرمايائون: ”ھاڻي اوھان بہ ھن ٽئي تي بيھي ڪري جيڪو ڪجھہ ھاڻي کاڌو آھي ان جو حساب ڏيو.“ ھي ٻڌي ماڻھن جون رڙيون نڪري ويون. ھڪ آواز تي چوڻ لڳا: ياسيّدي! اسان ۾ ھن جي طاقت ناھي. (ڪٿي ھي گرم تپيل ٽئو ۽ ڪٿي اسان جا نازڪ پير! اسان تہ گنھگار دنيا دار ماڻھو آھيون) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: ”**جڏھن** ھن دنياوي گرم ٽئي تي بيھي ڪري صرف ھڪ وقت جي کاڌي جي نعمت جو حساب نہ ٿا ڏئي سگھو تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينھن اوھان پوري زندگي جي نعمتن جو حساب ڪيئن ڏيندو! پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سورةُ التَّكاثر جي آخري آيت تلاوت فرمائي:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿٨﴾
(التڪاثر پ30 آيت 8)

**ترجموڪنزالايمان**: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينھن توھان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي .

ھي رقت انگيز بيان ٻڌي ماڻھو زار و قطار روئڻ ۽ گناھن کان توبہ ڪرڻ لڳا. (ملخص از تذڪرة الاولياء، الجزءالاول ص 222) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي**

**انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي . (عبدالرزاق)

## هر نعمت جو حساب ٿيندو

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن آيت شريف ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿۸﴾ جي تحت هي به فرمائن ٿا: هي سوال هر نعمت جي باري ۾ ٿيندو، چاهي اها جسماني هجي يا روحاني، ضرورت جي هجي يا عيش ۽ راحت جي ايستائين ٿڌي پاڻي، وڻ جي ڇانوَ، سڪون واري ننڊ جو به (سوال ٿيندو)

(نورالعرفان ص 956)

## بجلي به هڪ نعمت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت ڪيل بي شمار نعمتن مان بجلي به هڪ نعمت آهي ڇوته هن جي ذريعي اسان کي دين ۽ دنيا جا ڪيئي فائدا حاصل ٿيندا آهن، تنهنڪري ان جي باري ۾ سوال ٿيندو. حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن اوهان کان هي سوال ٿيندا: ﴿1﴾ توهان اها شيء ڪيئن حاصل ڪئي؟ ﴿2﴾ هن کي ڪٿي خرچ ڪيو؟ ۽ ﴿3﴾ ڪهڙي نيّت سان خرچ ڪيو؟ (منهاج العابدين ص 91)

## بجلي فضول خرچ نه ڪيو

قرآن ۾ ڪيئي جڳهن تي فضول خرچي کان منع ڪيو ويو آهي جيئن ته فرمان ربُّ العَظِيم آهي:

وَلَا تُبَذِّرۡ تَبۡذِيۡرًا ﴿۲۶﴾ **ترجموڪنزالايمان:** ۽ اجايو خرچ نه ڪر

(بني اسرائيل پ 15 آيت 26)

هن قرآني حڪم جي پيش نظر اسان کي گهرجي ته بجلي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جي فضول استعمال کان به بچون.

افسوس! گهر هجي يا دوڪان، ڪارخانو هجي يا دواخانو، مسجد هجي يا خانقاهه، مدرسو هجي يا درسگاهه، ڏينهن هجي يا رات، عام طور بنا سبب ڪيئي ڪيئي بلب ٻرندا، ۽ پکا هلندا رهندا آهن. گهرن ۾ خالي ڪمرن ۾ به بي پرواهي جي ڪري بتي پکا هلي رهيا هوندا آهن، استنجا خانن ۾ ڪو ناهي هوندو پر بنا حاجت جي بلب روشن رهندو آهي، پر جتي ڪثرت سان اچ وڃ رهندي هجي اتي ضرورت هجڻ تي سڄي رات بلب روشن رکڻ ۾ حرج ناهي، آلو چولا، سموسا پڪوڙا، دهي بڙا، ۽ ان طرح جون کائڻ پيئڻ واريون شيون وڪڻڻ وارن جو گراهڪن کي مائل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نيلهن وغيره تي ڪيئي بلب روشن رکڻ جائز آهي جو هتي ان جو صحيح مقصد موجود آهي پر جيئن ته بجلي هڪ قيمتي ۽ ضروري شيء آهي ۽ ڪيئي ملڪن ۾ بجلي جي ڪمي جي ڪري ماڻهو پهريان ئي مختلف مسئلن ۾ مبتلا آهن خاص ڪري اسان جي پنهنجي ملڪ "پاڪستان" ۾. تنهنڪري خاص اهڙي جڳهن جي باري ۾ عرض آهي ته جتي دڪانن، نيلهن تي وڌيڪ بلب لڳائڻ جي اجازت به آهي اتي به ڪجهه شين جو شرعي، قانوني يا اخلاقي طور خيال ضرور رکيو وڃي، پهرين هي ته چوري جي بجلي استعمال نه ڪئي وڃي. ٻي هي ته قانوني طور تي ان جي اجازت هجي، ٽي هي ته هتي به ضرورت جي حد تائين بجلي استعمال ڪئي وڃي ۽ صرف ڊيڪوريشن (يعني سجاوٽ) جي لاءِ استعمال نه ٿئي بلڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي . (طبراني)

ڊيڪوريشن جي لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو وڃي جنهن ۾ بجلي جو استعمال نہ ٿيندو هجي، تہ جيئن اسان وٽ بجلي جي جيڪا صورتحال آهي ان ۾ بهتري اچي سگهي.

## اِسراف ڪرڻ وارا الله کي ناپسند آهن

ياد رکو! اِسراف (يعني اجايو خرچ) ڪرڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ کي ناپسند آهن، جيئن تہ سيپاري 8 سورة الانعام جي آيت 141 ۾ ارشاد آهي:

وَلَا تُسْرِفُوْا ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ (الانعام پ 8 آيت 141)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بي جا خرچ نہ ڪريو بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ ان کي پسند نہ آهن

## اسراف جو تفصيل

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن آيت مقدّس جي تحت بيجا خرچ (يعني اسراف) جو تفصيل بيان ڪندي لکن ٿا: ناجائز جڳهہ تي خرچ ڪرڻ بہ اجايو خرچ آهي ۽ سجو مال خيرات ڪري ٻارن ٻچن کي فقير بڻائڻ بہ اجايو خرچ آهي، ضرورت کان وڌيڪ خرچ بہ اجايو خرچ آهي، انهيءَ ڪري وضو جي عضون کي (بنا شرعي اجازت) چار ڀيرا ڌوئڻ کان منع ڪيو ويو آهي. (نورالعرفان ص 232)

## اِسراف ڇا کي چوندا آهن؟

فتاويٰ رضويہ جلد 1 صفحي 926 تي آهي اِسراف مان مراد آهي: ”غير حق ۾ صرف (يعني خرچ) ڪرڻ“ هڪ بي جڳهہ تي لڪيل

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي. (ابويعليٰ)

آهي: (اهو) اِسراف جيڪو ناجائز ۽ گناهه آهي (اهو) صرف ٻن صورتن ۾ ٿيندو آهي: هڪ هي تہ ڪنهن گناهه ۾ صرف (يعني خرچ) ۽ استعمال ڪرڻ، ٻيو اجايو مال ضايع ڪرڻ. (فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 743) دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 5 تي سيپاري 1 سورة البقرة جي آيت نمبر 3 جي تحت صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللہِ الهادي لکن ٿا: اِنفاق (يعني خرچ) ۾ اِسراف ممنوع آهي يعني اِنفاق (يعني خرچ) چاهي پنهنجي ذات تي ڪيو يا پنهنجي اهل (يعني گهر وارن) تي يا ڪنهن ٻئي تي، (خرچ هميشہ) اعتدال (يعني وچٿرائي) سان ڪيو (۽ خيال رکڻ گهرجي تہ) اِسراف نہ ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بجلي استعمال ڪرڻ وقت موقع جي مناسبت سان سٺيون نيتون ڪري وٺو

هر مُباح ڪم (يعني جنهن جو ڪرڻ نہ ثواب هجي نہ گناهہ) سٺي نيت ڪرڻ سان عبادت ٿي ويندو آهي، بجلي استعمال ڪرڻ وقت سٺيون سٺيون نيتون ڪندو رهڻ گهرجي، مثلاً فريج، واشنگ مشين، A.C، پکو، بتي وغيره هلائيندي، بند ڪندي وقت هر ڀيرو ثواب جي نيّت سان بِسمِ اللہِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم پڙهڻ ۽ ضرورت پوري ٿيڻ کان پوءِ بِسمِ اللہ پڙهي ڪري اِسراف کان بچڻ جي نيت سان فورًا بند (Off) ڪري ڇڏڻ، نماز پڙهندي وقت خُشُوع (يعني دل جمعي) تي مدد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

حاصل ڪرڻ جي نيت سان پکو يا A.C هلائڻ ۽ سمهڻ وقت هي شيون هلائڻ لاءِ اهي نيتون ڪري سگهجن ٿيون: ننڊ تي مدد حاصل ڪرڻ ۽ ننڊ جي ذريعي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري پکو (يا A.C) هلائيندس ۽ ضرورت پوري ٿيڻ کان پوءِ اِسراف کان بچڻ جي نيّت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري بند ڪري ڇڏيندس، گهر جي ٻين ماڻهن يا مهمان وغيره هجن تہ پکو وغيره هلائڻ ۾ انهن جي دلجوئي جي نيت بہ ڪري سگهجي ٿي. ان طرح فريج ۾ غذائون رکندي وقت موقعي جي مناسبت سان سنيون سنيون نيتون ڪري سگهجن ٿيون. مثلاً گوشت يا ڀڇيل ڪاڏو رکندي وقت هي نيّت ڪيو: ان کي ضايع ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ فريج ۾ رکان ٿو، واشنگ مشين هلائيندي وقت حسب حال اها نيّت ٿي سگهي ٿي: صفائي جي سنّت تي مدد حاصل ڪرڻ جي لاء واشنگ مشين آن ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمانن کي نفعو پهچائڻ جي فضيلت

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جنت میں لے جانے والے اعمال“ صفحو 534 ۽ 535 تي بہ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن: ﴿1﴾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کي اهو شخص وڌيڪ پسند آهي جيڪو ماڻهن کي وڌيڪ نفعو پهچائيندو آهي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو سڀ کان وڌيڪ پسند وارو عمل اهو سُرور يعني خوشي آهي جو تون ڪنهن مسلمان جي دل ۾ داخل

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪرين چاهي ان جي پريشاني پري ڪري يا ان جو قرض ادا ڪري يا ان جي بک ختم ڪري ۽ پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ جي لاءِ هلڻ مون کي پنهنجي هن مسجد ۾ هڪ مهينو اعتڪاف ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي ۽ جنهن پنهنجي ڪاوڙ ختم ڪئي حالانڪ اهو ان کي نافذ ڪرڻ جي قدرت رکندو هو ته الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي دل پنهنجي رضا سان پري ڇڏيندو ۽ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي حاجت پوري ٿيڻ تائين ان سان گڏ رهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان ڏينهن ثابت قدمي عطا فرمائيندو جنهن ڏينهن قدم ترڪندا هوندا. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 265 رقم 22)

## ﴿2﴾ خوشي جو فرشتو

جيڪو شخص ڪنهن مومن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان خوشي مان هڪ فرشتو پيدا ڪندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ توحيد ۾ مصروف رهندو آهي، جڏهن اهو ٻانهو پنهنجي قبر ۾ هليو ويندو آهي ته اهو فرشتو ان وٽ اچي پڇيا ڪندو آهي: ڇا تون مون کي نٿو سُڃاڻين؟ اهو چوندو آهي ته تون ڪير آهين؟ ته اهو فرشتو چوندو آهي ته "مان اها خوشي آهيان جيڪا تو فلاڻي جي دل ۾ داخل ڪئي هئي اڄ مان تنهنجي وحشت (يعني گهٻراهٽ) مان تون کي اُنس (يعني راحت) پهچائيندس ۽ سوالن جي جواب ۾ ثابت قدم رکندس ۽ قيامت جي ڏينهن تنهنجي لاءِ تنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سفارش ڪندس ۽ تون کي جنت ۾ تنهنجو ٺڪاڻو ڏيکاريندس. (ايضاً ص 266 رقم 23)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

# بجلي استعمال ڪرڻ جا 80 مدني گل

مسلمانن جي خيرخواهي ۽ نفعو پهچائڻ جي نيّت سان بجلي استعمال ڪرڻ جا 80 مدني گل پيش ڪيان ٿو، پاڻ کي اِسراف ۽ تَضِيِيعِ مال (يعني مال ضايع ڪرڻ) کان بچائڻ جي سنين سنين نيتن سان پڙهي سمجهي ڪري ان جي مطابق عمل ڪيو انشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون ڪيئي ڀلائيون نصيب ٿينديون، انشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بجلي جي بچت جي برڪت سان اوهان جو بل (Bill) بہ گهٽ ايندو.

## روشني ڪندڙ شين جا 28 مدني گل

### بجلي گهٽ کپائيندڙ انرجي سيور

۞ روشني جي لاءِ گهٽ توانائي خرچ ڪرڻ واريون شيون استعمال ڪيو، 100 واٽ جي بلب جي مقابلي ۾ 20 واٽ جو اِنرجي سَيوَر (Energy saver) 80 فيصد تائين بجلي بچائي سگهي ٿو، بلڪ جيڪڏهن جديد LED لائيٽس استعمال ڪيون وڃن تہ هي وڌيڪ گهٽ توانائي استعمال ڪنديون.

| ۞ | بجلي واري شيءِ | تعداد | واٽ | استعمال ٿيل يونٽ | بچت |
|---|---|---|---|---|---|
| | بلب | 4 | 400 | 42 | - |
| | ٽيوب لائيٽ | 4 | 160 | 18 | 57% |
| | انرجي سيور | 4 | 80 | 9 | 80 % |

۞ سٺي ڪمپني جو ”اِنرجي سَيوَر“ وٺڻ گهرجي تہ جيئن ٽيوب لائيٽ جيان اکين کي ٿڌاڻ محسوس ٿئي، اهڙو بيڪار نہ ورتو وڃي جيڪو اکين کي چڀي، ۽ نظر جي لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿئي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال)

۞ بجلي جي وائرنگ هميشه معياري ڪيبل سان ڪرايو.

۞ در، ديوار ۽ ڇت تي ٿڌو رنگ جيئن سفيد يا آف وائيٽ (Off White) وغيره ڪرايو، ٿڌي رنگ وارو ڪمرو گهٽ بتين سان ٻه روشن رهندو .

۞ پنهنجو اڪثر ڪم ڏينهن جي روشني ۾ مڪمل ڪري وٺو، اهي ئي ڪم رات جو ڪندؤ ته بتي ٻارڻي پوندي ۽ بجلي خرچ ٿيندي.

۞ ڏينهن جي وقت دروازن ۽ درين تان پردا (جيڪڏهن هجن ته) هٽائي ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن بي پردگي جو انديشو نه هجي يا اوهان جي نظر ڪنهن جي گهر ۾ نه پوندي هجي ته در، دريون ٻه کولي ڇڏيو ته جيئن صحت بخش هوا سان گڏوگڏ جراثيم ڪُش روشني بلڪ تندرستي ڏيڻ جي لاءِ اُس ٻه اچي ۽ بتي جي بغير ٻه ڪم هلندو رهي.

۞ بلب يا ٽيوب لائيٽ ڀت تي فٽ (Fit) ڪرڻ جي بدران اهڙي طرح ڇت سان لٽڪائي ڇڏيو جو اڪين تي سنئون سڌو روشني نه پوي، جيترو هيٺ ويجهو هوندي ايتري روشني وڌيڪ ٿيندي.

۞ هر ڪمري ۾ ايترا ئي بلب روشن ڪيو جيترن جي ضرورت آهي جيڪڏهن هڪ بلب سان ڪم هلي سگهي ته ٻيو نه ٻاريو وڃي.

۞ اڄ ڪلهه خوبصورتي جي لاءِ مختلف بلب ۽ ٽيوب لائيٽون پلاسٽڪ ڪور ۾ بند (Grill light) لڳائيون وينديون آهن ان ڪان بچڻ گهرجي جو بجلي وڌيڪ خرچ ٿيڻ جي باوجود روشني گهٽ ٿيندي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

آهي.

۞ شاپنگ مارڪيٽ ۾ برقي ڏاڪڻ گهٽ ۾ گهٽ هلايا وڃن.

۞ ڪارخانن ۾ گهٽ بجلي خرچ ڪرڻ واريون مشينون استعمال ڪيو.

۞ ڪٿي ڪيتري روشني جي ضرورت آهي ان جو انحصار گهر جي تنگي ۽ ڪشادگي، ڪمري جي ننڍي وڏي هجڻ ۽ ماڻهن جي قلت ۽ ڪثرت تي هوندو آهي، اليڪٽريشن (يعني بجلي واري) تي ڀاڙڻ جي بدران اوهان پاڻ سٺي طرح غور ڪيو تہ اوهان کي ڪهڙي جڳهہ تي ڪيترو سوجهرو گهرجي پوءِ ان جي مطابق ترڪيب ٺاهيو.

۞ جنهن جڳهہ وڏيڪ روشني جي ضرورت هجي اتي ٻن يا ٽن بلبن جي بدران هڪ وڏو بلب لڳائڻ بهتر آهي پر گڏوگڏ ننڍو بلب لڳائڻ بهتر آهي تہ جيئن وڌيڪ روشني جي حاجت نہ هجي تہ ان سان ڪم هلايو وڃي.

۞ صرف ان جڳهہ تي روشني ڪيو جتي اوهان مطالعو وغيره ڪري رهيا هجو.

۞ روشني وڌائڻ جي لاءِ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو هر بلب ۽ ٽيوب لائيٽ تان دز وغيره صاف ڪرڻ مناسب آهي.

۞ ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ وقت بلب ۽ پکو وغيره بند (Off) ڪرڻ نہ وساريو.

۞ گهر جي سيني ڀاتين خاص ڪري مدني منن ۽ مدني منين جي تربيت ڪيو تہ اهي غير ضروري بتي نہ ٻارين ۽ ضرورت ختم ٿيڻ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (حاڪم)

تي فورًا وسائي ڇڏين، اها ترڪيب دڪان، دفتر ۽ ڪارخاني وغيره ۾ پڻ بڻايو.

۞ عام طور استنجا خانن (Toilets) جون بتيون بنا ضرورت جي ٻرنديون رهنديون آهن، هر شخص کي گهرجي تہ فراغت کان پوءِ پاڻ ئي وسائي ڇڏي.

۞ ڪجھ اسلامي ڀائر شام جو ئي گهر يا دُڪان جون سيئي بتيون روشن ڪري ڇڏيندا آهن، اونداهي محسوس ٿيڻ کان پوءِ صرف حاجت وقت بلب روشن ڪيو.

۞ جيڪڏهن مجبوري نہ هجي تہ سمهڻ کان پهريان ڪمري جو بلب بند ڪري ڇڏيو يا پوءِ ضرورتاً زيرو جو بلب استعمال ڪيو، ۽ گهر جون تمام غير ضروري بتيون وسائڻ نہ وساريو.

## سڄي رات اونداهي ۾ رهڻ!

۞ گهر کي رات جو اونداهي ۾ رکڻ، گهر وارن ۽ خاص ڪري ٻارن جي لاءِ ڊپ جو سبب آهي، هن ۾ چورن ۽ حشراتُ الارض (ڪيڙن ماڪوڙن، ڪُئن، ڪِرڙين وغيره) جي لاءِ سهولت آهي، لال بيگ، ۽ ڪجھ ڪيڙا روشني ۾ گهٽ نڪرندا آهن، صاف صفائي وارين ڪشادا جڳهن ۾ ڪيڙن ماڪوڙن جو سلسلو بہ گهٽ هوندو آهي، بهرحال رات ۾ جڏهن گهر ۾ ڀاتي موجود هجن تہ ڪجھ نہ ڪجھ روشني هجڻ مناسب آهي.

۞ مغرب جي وقت جڏهن اڃا ڪافي سوجهرو باقي هوندو آهي اڪثر ماڻهو گهر جون ڪيئي بتيون ٻاري ڇڏيندا آهن، اهڙي جلدي

ٻاري نه ڪيو صرف ضرورت جي مطابق روشني ڪيو.

۞ واڌڙو جي سهولت جي لاءِ ڪجھ ماڻھو پنھنجي گھر جي ٻاهر سڄي رات بلب روشن رکندا آهن هي ثواب جو ڪم آهي پر صبح روشن ٿيندي ئي بتي بند ڪري ڇڏيو.

۞ گھرن جي لان ۽ گيراج ۾ ڪنھن به وقت غير ضروري بتيون روشن نه رهن، ان جو خيال رکو.

۞ اڄ وچ نه هجڻ جي باوجود بعض گھرن جي ڏاڪڻ جون بتيون سڄي رات ٻرنديون رهنديون آهن، هن جو حل هي آهي ته ”ٽو وي“ جي ترڪيب ٻڌايو يعني هڪ بٽڻ ڏاڪڻ جي ابتدا ۾ ۽ هڪ انتها (يعني ختم) تي ائين لڳايو جو ٻنهي طرفان بتي ٻاري ۽ وسائي سگھجي.

## مسجد ۾ بتي پکو هلائڻ جا اهم مسئلا

۞ مسجد ۾ به بنا ضرورت بلب نه ٻاريو ۽ ضرورت پوري ٿيڻ تي وسائي ڇڏيو، مسجد جي خادمن کي انهي سلسلي ۾ گھڻي احتياط جي ضرورت آهي ڇوته مسجد جو بل چندي جي رقم مان ڏنو ويندو آهي، جنھن جو حساب وڏيڪ سخت آهي، ڪجھ مسجدن ۾ اذان جو وقت ٿيندي ئي تمام بتيون ٻاريون وينديون آهن ۽ سمورا پکا هلايا ويندا آهن جنھن جي هوا وٽڻ وارو ڪو به ناهي هوندو ڇوته نمازي عام طور جماعت کان ڪجھ منٽ پھريان ئي پھچندا آهن، منھنجي مدني التجا آهي ته جيئن جيئن نمازي ايندا وڃن خادم ضرورت مطابق بتيون پکا هلائن ۽ جيئن جيئن نمازي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي . (مسلم)

ويندا رهن بند ڪندا وڃن ۽ رات جو صرف عُرف (يعني اتي جي عادت) جي مطابق روشني رکن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 9 صفحو 504 تي لکن ٿا: مسجد ۾ روشني خِشت و گِل (يعني سرن، مٽي) جي ذات جي لاءِ ناهي هوندي بلڪ نمازين جي لاءِ هوندي آهي، بلڪ نماز ۾ به اصل نظر صرف فرضن تي مقصود آهي جو اصل ۾ (بذات) مسجد جو بڻائڻ انهن فرضن جي لاءِ آهي، ۽ لهٰذا جتي تهجد وغيره نفل پڙهڻ وارا ۽ الله جو ذِڪر ڪرڻ وارا سڄي رات مسجد ۾ رهندا يا رات جي ڪنهن حصي ۾ انهن جي اچ وڃ مسجد ۾ رهندي هجي ۽ انهي ڪري اتي سڄي رات روشني رکڻ جي عادت هجي يا واقف (يعني وقف ڪرڻ واري) پاڻ ان جي تصريح ڪئي (يعني واضح طور تي چئي ڇڏيو) هجي، اهڙي جڳهه کان علاوه باقي سيني مسجدن ۾ رات جي ٽئين حصي کان پوءِ بتي وسائڻ جو حڪم آهي جو هاڻي (ٻرندي رهڻ) اسراف ۽ تَضيِيع مال (يعني مال جو ضايع ڪرڻ) آهي. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 504)

## نمازين جي غير موجودگي ۾ بتي ٻارڻ جي ممانعت جي فتويٰ

فتاويٰ رضويه جلد 23 صفحي 374 کان 375 تان هڪ سوال جواب ملاحظ ڪيو: **سوال**: زيد فجر جي وقت پنج بجي کان پوءِ مسجد ۾ چراغ ٻاريندو آهي مسجد جي رونق ۽ زينت جي لاءِ، تلاوت، ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ جي غرض سان نه، جڏهن ته

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي اللّٰه تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي . (عبدالرزاق)

ان وقت روشني جي ضرورت ناهي هوندي ڇوته نمازين جي آمد پوڻا ڇهه بجي ٿيندي آهي ۽ جماعت ڇهه بجي صبح صادق جي روشني ظاهر ٿيڻ وقت ٿيندي آهي، ۽ ان کان علاوه سرڪاري لالٽين جي روشني مسجد جي ٿنهي درن ۽ صحن ۾ ڪافي ٿيندي آهي عَمرو جيڪو مسجد جو قديم مُهتَمِم آهي ۽ سوين روپيا پنهنجي وڏي ڪوشش سان گڏ ڪري مسجد جي مرمت ۽ ٻين اخراجات ۾ لڳائيندو آهي بلڪ هينئر مرمت به ڪرائي رهيو آهي، زيد کي ان وقت فضول بنا ضرورت جي چراغ ٻارڻ کان منع ڪندو آهي ۽ چوندو آهي مسجد جي مال ۾ اِسراف نه ڪجي پر زيد ناهي مڃيندو ته انهيءَ صورت ۾ چراغ ٻارڻ گهرجي يا نه؟ **جواب**: جڏهن ان وقت مسجد ۾ ڪو ناهي ايندو ته چراغ ٻارڻ فضول ۽ منع آهي خاص ڪري جڏهن (گهٽي ۾ سرڪاري) لالٽين جي روشني (Street Light) ٻري رهي) هوندي آهي. والله تعالـٰي اَعلَم

## جشن ولادت جو چراغان

وڏي راتن ۾ جشن ولادت جي موقعي تي سنين سنين نيتن سان چراغان ڪرڻ جائز ۽ ثواب جو ڪم آهي. دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مَڪتبةُ المَدينه جي شايع ٿيل 561 صَفحن تي مُشتمل ڪتاب "مَلفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 174 تي آهي: عرض: مِيلاد شريف ۾ مشعل (وڏي شمع) فَانُوس، فُرُوش (هي فرش جو جمع آهي) وغيره سان زَيب وزِينت اِسراف (يعني فضول خرچي) آهي يا نه؟ ارشاد: عُلماءَ فرمائن ٿا: لَاخَيْرَ فِي الْاِسْرَافِ وَلَا اِسْرَافَ فِي الخَيْر (يعني

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

اِسراف ۾ ڪا ڀلائي ناهي ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ڪو اِسراف ناهي) جنهن شيءِ سان ذِڪر شَريف جي تَعظِيم مَقصد هجي هرگز ممنوع نٿي ٿي سگهي.

## هڪ هزار شمعون

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی اِحياءُالعُلُوم شريف ۾ سيّدي اَبو عَلي رُوذبارِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البارِی کان نقل ڪيو آهي تہ هڪ نيڪ ٻانهي ذِڪر شريف جي مجلس قائم ڪئي ۽ ان ۾ هڪ هزار ڏِيئا روشن ڪيا هڪ ماڻهو جيڪو رڳو ظاهر ئي ڏسندو هو اتان کان لنگهيو ۽ اها ڪَيفِيت ڏسي واپس وڃڻ لڳو مَجلِس قائم ڪرڻ واري (جيڪو الله جو نيڪ ٻانهو هو) ان ماڻهو جو هٿ پڪڙيو ۽ اندر وٺي ويو، ۽ ان کي چيائين جيڪو ڏيئو مان غيرِ خدا لاءِ روشن ڪيو آهي ان کي وسائي ڇڏ، هن ڏاڍيون ڪوششون ڪيون پر ڪوبہ ڏِيئو ٺَڏو نہ ٿيو. (يعني نہ وساميو)
(اِحياءُ العُلوم ج 2 ص 26 مُلخصا)

لہراؤ سبز پرچم اے آقا کے عاشقو
گھر گھر کرو چراغاں کہ سرکار آ گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪنڊو لڳائڻ ڪيئن؟

۞ جشن ولادت جي مجلسن، نعت جي محفلن، شادي جي تقريبن، دڪانن، ڪارخانن وغيره ۽ هر جڳهہ صرف قانوني طريقي تي بجلي استعمال ڪريو، ڪنڍي وغيره جي ذريعي بجلي چوري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي . (طبراني)

ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، جنهن ماضي ۾ ائين ڪيو آهي اهو توبه به ڪري ۽ جيتري بجلي چوري ڪئي آهي حساب لڳائي ڪري لاڳاپيل اداري کي ايترو بل ادا ڪري.

## مختلف برقي آلات جي باري ۾ 14 مدني گل

### ڪمپيوٽر، ٽيپ ريڪارڊر، موبائل چارجر وغيره

۞ ڪمپيوٽر، مانيٽر (Monitor)، ڪاپيئر، ٽيپ ريڪارڊر، موبائل چارجر وغيره جڏهن استعمال ۾ نه هجن ته بند ڪري ڇڏيو، اسٽينڊ بائي (Standby) رکڻ جي صورت ۾ به اهي بجلي خرچ ڪندا آهن، بجلي بچائڻ جو بهترين طريقو هي آهي ته بجلي واريون شيون جڏهن استعمال ۾ نه هجن انهن کي ”پاور ساڪٽ“ مان ڪڍي وٺو، ته جيئن نڪتي جي برابر ننڍو بلب روشن رهندو آهي اهو به بند ٿي وڃي، انهي طرح بجلي جي بچت سان گڏوگڏ اوهان جي بجلي تي هلندڙ شين جي به حفاظت ٿيندي.

۞ مانيٽر جي جڳهه LCD يا LED استعمال ڪرڻ سان بجلي گهٽ خرچ ٿيندي آهي.

## مدني چينل انهي صورت ۾ هلايو جڏهن ڪو ڏسڻ وارو هجي

۞ گناهن ڀريا چينلن جا ناجائز سلسلا ڏسڻ کان پنهنجي جان ڇڏائي ڪري سچي توبه ڪريو، صرف ۽ صرف 100 فيصد شرعي مدني چينل ڏسڻ جو معمول بڻايو، پر ائين نه ٿئي جو مدني چينل لڳائڻ کان پوءِ اوهان ڳالهه ٻولهه وغيره ۾ لڳي ڪري غافل ٿي وڃو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي. (ابويعليٰ)

يا گهر ۾ هِتي هُتي ڦرندا رهو. جيڪڏهن ڪو هڪ به فائدو حاصل نه ڪري رهيو هجي ته بجلي بيڪار خرچ ٿيندي رهندي ۽ چاٽي واٽي ائين ڪرڻ جي صورت ۾ ڪجهه صورتن ۾ اوهان تَضْيِيعِ مال (يعني مال ضايع ڪرڻ) جي گناهه ۾ گرفتار ۽ عذابِ نار جا حقدار ٿي سگهو ٿا .

۞ ايگزاسٽ فين (Exhaust fan) چاهي مَطْبَخْ (باورچي خاني (Kitchen ۾ هجي يا ڪمري ۾ يا استنجا خاني ۾ ضرورت پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ بند ڪري ڇڏيو.

۞ پاڻي جو اجايو استعمال نه ڪيو، موٽر وڌيڪ هلندا ته بجلي به وڌيڪ خرچ ٿيندي.

۞ ويهڻ يا سمهڻ جي ترڪيب ائين بڻايو جو گهٽ پکن مان وڌيڪ افراد فائدو حاصل ڪري سگهن.

## هڪ پکي سان ڪئي افراد فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا

۞ مدارس ۽ جامعات جا استاد، شاگرد ۽ دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر مسجد ۾ بجلي جي استعمال ۾ خوب محتاط رهن جو چندي جو معاملو وڏو سخت آهي، ناظمين ۽ امير قافلہ خاص نظر رکن ائين نه ٿئي جو هڪ پکي هينان هڪ اسلامي ڀاءُ ستل هجي، گهر جي ڪمري ۾ جڏهن هڪ پکي جي هيٺ ڪيئي ڀاتي سمهي سگهن ٿا ته آخر مسجد ۽ مدرسن ۾ چو نٿا سمهي سگهن؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

۞ اليڪٽرڪ اَوَن (Oven) 600 يا 1500 واٽ جو هوندو آهي، ان ۾ بجلي ڪافي خرچ ٿيندي آهي بنا سخت ضرورت جي استعمال نه ڪيو.

## U.P.S تمام بجلي کپائيندو آهي

۞ يو پي ايس (U.P.S) جو استعمال گهٽ ۾ گهٽ ڪرڻ گهرجي چوته ان جي ”بيٽري“ ري چارج (Recharge) ڪرڻ ۾ 300 کان 400 واٽ بجلي خرچ ٿيندي آهي، تنهنڪري ڏينهن جي وقت UPS بند رکي ڪري ڪافي بجلي جي بچت ڪري سگهجي ٿي.

۞ سردين ۾ استعمال ڪيو ويندڙ بجلي جو هيٽر (Heater) اوسطاً 1800 واٽ جو هوندو آهي ان ۾ تمام گهڻي بجلي خرچ ٿيندي آهي، گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪيو.

## اِستري تمام گهڻي بجلي کپائيندي آهي

۞ استري 800 کان 1200 واٽ جي (يعني 10 کان 15 ٽيوب لائيٽ جي) ... 

پکن جي برابر) هوندي آهي، نهايت بي دردي سان بجلي چڪندي ۽ خوب بل (Bill) وڌائيندي آهي سخت حاجت ۾ ئي استعمال ڪيو، جيڪڏهن ممڪن هجي ته بغير استري جي ڪپڙا پائي وٺو، انمول وقت سان گڏوگڏ پيسن جي به نيڪ ناڪ بچت ٿيندي.

۞ لفٽ (Lift) به تمام گهڻي بجلي کپائيندي آهي ان ڪي گهٽ کان گهٽ استعمال ڪيو، ڏاڪڻ جي ذريعي اچڻ وڃڻ هڪ ورزش آهي ۽ بدن جي لاءِ طبي طور مفيد آهي.

۞ گهر مان ٻاهر نڪرڻ کان پهريان بجلي جو هر بٽڻ (Switch) چيڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهوبيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع الصغير)

ڪري ونو تہ ڪٿي ڪو بلب ٻري ۽ پکو وغيره هلي تہ ناهي رهيو!

۞ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ ٻاهر ويندا آهن تڏهن بہ خالي گهر جو بلب اجايو روشن رکندا آهن، بنا حاجت ائين نہ ڪن، ها ان جي لاءِ روشن رکيو تہ واپسي ۾ روشني ملي يا چور وغيره کان حفاظت رهندي جو سمجهن تہ گهر ۾ ڪو آهي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي.

## فريج ۽ ڊيپ فريزر جي باري ۾ 13 مدني گل

۞ فريج ۽ ڊيپ فريزر (18 ڪيوبڪ فُٽ (Foot) جي اوسطاً 500 واٽ جا هوندا آهن) اوهان جي گهر ۾ هجن تہ تقريباً 25 فيصد بجلي استعمال ڪندا آهن.

۞ بعض اوقات پنهنجي ضرورت کان وڌو فريج ورتو ويندو آهي، ياد رکو! خالي فريج وڌيڪ بجلي کٽندو آهي، جيڪڏهن رکڻ جي لاءِ وڌيڪ شيون نہ هجن تہ پاڻي ڀري ڪري رکي ونو ۽ ٿڌو ٿيڻ تي ثواب جي نيّت سان مسلمانن کي پياري ڇڏيو.

۞ فريج ۾ هڪ ٿرمو اسٽيٽ (Thermostat) لڳل هوندو آهي جنهن سان ان جي ٿڌاڻ (Cooling) کي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو، وڌيڪ ٿڌاڻ تي وڌيڪ بجلي خرچ ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري فريج جي ٿڌاڻ کي موسم ۽ ضرورت جي مطابق رکو.

۞ فريج يا ڊيپ فريزر کي ديوار سان لڳائي ڪري نہ رکو پويان واري حصي ڏانهن هوا جو رستو کليل رهي.

۞ فريج اهڙي جڳهہ نہ رکو جتي اُس ايندي هجي بلڪ ڪوشش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مون تي درود شريف پڙهو الله توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪري ان کي گهر ۾ سڀ کان ٿڌي جڳهه تي رکو.

۞ فريج جو دروازو هر هر کولڻ سان ان جي ٿڌاڻ ۾ ڪمي ايندي آهي ۽ بجلي گهڻي خرچ ٿيندي آهي.

۞ وڏيڪ دير تائين دروازو کليل رکڻ سان به بجلي وڏيڪ خرچ ٿيندي آهي، تنهنڪري ڇا ڇا ڪڍڻو آهي هي ذهن بڻائڻ کان پوءِ ئي فريج کوليو ۽ شيءِ ڪڍڻ کان پوءِ دروازو چڱيءَ طرح بند ڪري ڇڏيو.

۞ هر هر فريج نه کُلي، تنهنڪري پاڻي جو ڪولر استعمال ڪيو.

۞ فريج ۾ گرم گرم غذا وغيره رکڻ سان اندر جو گرمي جو درجو وڌي ويندو آهي ۽ بجلي گهڻي خرچ ٿيندي آهي.

۞ ريفريجريٽر جي پويان ننڍي سنهن پائپن جي هڪ ڄاري هوندي آهي جنهن تي مٽي ۽ گرد پوندي رهندي آهي ان سان فريج جي ڪارڪردگي تي اثر پوندو آهي، هفتي پندرهن ڏينهن ۾ ”پاور ساڪٽ“ کان ڪڍي ڪري ان کي صاف ڪرڻ فائديمند آهي.

۞ اهي فريج ۽ فريزر جيڪي پاڻ برف پگهارڻ جي صلاحيت رکندا آهن جنهن کي نو فراسٽ (No frost) چيو ويندو آهي اهي بين جي نسبت وڏيڪ بجلي کپائيندا آهن.

## فريج مان وڏيڪ برف ڪڍڻ جو طريقو

۞ پنهنجي فريج ۽ فريزر ۾ هڪ چوٿائي (1/4) انچ کان ڏيڪ برف نه ڄمڻ ڏيو، برف لاهڻ جي لاءِ ٿوري دير بند (Off) ڪري ان جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ هٿن سان صاف ڪيو، حسب ضرورت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

پلاسٽڪ جو چمچو استعمال ڪيو، لوهہ جي چمچ يا ڇُري چاقو جي استعمال سان فريج خراب ٿي سگهن ٿا.

۞ جيڪڏهن ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ گهر کان ٻاهر وڃڻو هجي تہ فريج خالي ڪري بند ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن هن ۾ ضروري شيون موجود آهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ٿڌاڻ (Cooling) تي ترڪيب ٻڌايو.

## واشنگ مشين جي باري ۾ 3 مدني گل

۞ واشنگ مشين (Washing machine) اوهان جي استعمال جي تقريباً 20 فيصد بجلي استعمال ڪندي آهي.

۞ واشنگ مشين تي ڪپڙا ڌوئڻ سبب بجلي سان گڏوگڏ ڪيئي ليٽر پاڻي بہ استعمال ٿيندو آهي جيڪڏهن وڌيڪ ڪپڙا ڌوئڻا هجن تہ ئي استعمال ڪيو، هڪ يا ٻہ ڪپڙا هٿن سان ئي ڌوئي ڇڏيو.

۞ ڪيئي گهرن ۾ واشنگ مشين سان گڏ ڪپڙا سڪائڻ واري ڊرائير (Dryer) بہ استعمال ٿيندي آهي جنهن سان بجلي جو خرچ وڌي ويندو آهي جيڪڏهن کلي جڳهہ ۽ اُس ميسر هجي تہ ڪپڙا بغير ڊرائير جي سڪائي ڇڏيو.

## ائير ڪنڊيشنر جي باري ۾ 8 مدني گل

### لذيذ فالودو

اميرُ المُؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ پيرو لذيذ فالودو پيش ڪيو ويو، فرمايو: ان جي خوشبو، رنگ ۽ ذائقو تمام سٺو آهي! مان اها ڳالهہ نٿو پسند ڪيان تہ منهنجو نفس ڪنهن اهڙي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : **جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.** (ڪنزالعمال)

شيء جو عادي ٿي وڃي جنهن جي ان کي عادت ناهي. (حِلية الاولياء ج 1 ص 123) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## A.C جي عادت ڪڍو، بجلي بچايو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** **اميرُالمُومنين،** حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ، شير خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي نفس ڪُشي مرحبا! ڪاش! اسان بہ سخت گرمي ۾ نفس جي مطالبي تي آئسڪريم يا فالودو کائيندي ۽ ٿڌا شربت پيئندي وقت اميرُالمومنين حضرت مولاءِ ڪائنات ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ان ايمان افروز حڪايت کي بہ ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪري وٺندا ڪيون! ياد رکو! نفس کي جيتري قدر آسائشن جي عادت وڌي ويندي اهو ايتري قدر ضدي ۽ عيش پرست ٿي ويندو آهي، ڏسو جڏهن پکو ايجاد نہ ٿيو هو ان وقت بہ ماڻهو گذارو ڪندا هئا ۽ اڄ گهڻن کي ائيرڪنڊيشنڊ روم ۾ ويهڻ ۽ سمهڻ جي عادت پئجي وئي آهي، انهن کي هاڻي گرمين ۾ A.C جي بنا ننڊ اچڻ دشوار هوندو آهي، سنڌن جي سور وغيره ۾ اهي الڳ مبتلا رهندا آهن، هاءِ! دنيا ۾ نعمت جيتري عمده هوندي قيامت جي ڏينهن ان جو حساب بہ اوترو وڏيڪ ٿيندو. انهي ڪري بدلجندڙ موسمن جي گرم ۽ سرد اثرن کي ڪڏهن ڪڏهن برداشت ڪيو وڃي! البت جيڪي A.C استعمال ڪندا آهن اهي گنهگار ناهن، A.C جو استعمال جيئن تہ جائز آهي تنهنڪري ان جا مدني گل قبول فرمايو:

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

۞ ڏيڍ ٽن جو هڪ اي. سي (Air conditioner) ڊبل بارهن (24) پکن کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندو آهي.

۞ A.C ڇانوَ ۾ رکو، کلي اُس ۾ رکڻ سان پنج فيصد بجلي وڌيڪ خرچ ٿيندي آهي.

۞ جيستائين پکي سان گذارو ٿي سگهي ته اي.سي (A.C) نه هلايو.

۞ پنهنجي اي. سي جو ٿرمو اسٽيٽ (Thermostat) 16 جي بدران 26 ڊگري سينٽي گريڊ تي مقرر (Set) ڪيو، ان سان اوهان جي ماهانه بل ۾ 30 فيصد ڪمي ٿي سگهي ٿي.

۞ جڏهن A.C هلايو ته ان کي شروع سان گهٽ ٿڌاڻ (ڪولنگ (Cooling تي سيٽ نه ڪيو جو هي آهسته آهسته ڪندو ۽ بجلي وڌيڪ خرچ ٿيندي.

۞ هر هر ڪمري جو دروازو کلڻ سان به A.C تي بوجهه پوندو آهي ۽ بجلي وڌيڪ خرچ ٿيندي آهي.

۞ گڏوگڏ ڇت واري پکي جو استعمال ڪرڻ مفيد آهي.

۞ هر مهيني ان جو فلٽر (Filter) صاف ڪرڻ مفيد آهي.

## گهريلو بجلي وارين شين جي اوسط توانائي (واٽس ۾)

### باورچي خاني ۾ بجلي تي هلڻ واريون شيون

| لوڊ ٽائيپ | اوسط واٽ |
|---|---|
| ٽوسٽر | 800-1500 |
| گرنڊر /مڪسچر | 300 |
| ڪافي/ٽي ميڪر | 800-1000 |
| مائيڪرو ويو اوون | 600-1500 |

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : اُن شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (حاڪم)

## گهريلو بجلي تي هلڻ واريون شيون

| | |
|---|---|
| واشنگ مشين | 400-700 |
| اِستري | 800-1200 |
| ٽي وي (21) | |
| سي آر ٽي | 70-80 |
| ايل سي ڊي | 20-25 |
| ٽي وي (25) | |
| سي آر ٽي | 90-100 |
| ايل سي ڊي | 26-28 |
| ڊيپ فريزر (18 ڪيوبڪ فٽ) | 500 |
| ريفريجريٽر (18 ڪيوبڪ فٽ) | 500 |

## فڪسچرز ايند فٽنگز

| لوڊ ٽائيپ | اوسط واٽ |
|---|---|
| روشن بلب | 40-200 |
| انرجي سيور | 7-80 |
| پکو | |
| ڇت جو پکو | 80 |
| بريڪٽ پکو | 55 |
| پيڊسٽل پکو | 155 |
| اي سي (اسپلٽ 1.5ٽن) | 2000 |
| اي سي (اسپلٽ 1ٽن) | 1500 |
| هيٽر | 1800 |

مٿي ڏنل اعداد ۽ شمار اوسط (Average) خرچ جي طور پر ڏنا ويا آهن ۽ مختلف برانڊز جي لاءِ جدا جدا ٿي سگهن ٿا.

# گيس بچائڻ جا 3 مدني گل

۞ سردي کان بچڻ جي لاءِ هيٽر جي بدران گرم ڪپڙا استعمال ڪريو.

۞ تي سگهي تہ انسٽنٽ واٽر گيزر استعمال ڪيو جو ھي صرف استعمال جي وقت ئي گيس خرچ ڪندو آهي.

۞ گيزر ۾ ڪونيڪل بيفل وجھرايو ۽ 25 فيصد تائين گيس بچايو، ڪونيڪل بيفل جي بغير گيزر وڌيڪ گيس استعمال ڪندو آهي ۽ گيس بل ۾ اضافو ڪندو آهي.

# سياري ۾ گيس جو بل وڌيڪ ڇو؟[1]

| هڪ هيٽر (ٻن پليٽن وارو) | هڪ گيزر (35 گيلن) | هڪ گيزر ڪونيڪل بيفل سان گڏ (35 گيلن) | هڪ چولهو (هڪ برنر وارو) |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| 6 ڪلاڪ روزانو | 10 ڪلاڪ روزانو | 10 ڪلاڪ روزانو | 6 ڪلاڪ روزانو |
| 7460 روپيا تقريباً | 4010 روپيا تقريباً | 1920 روپيا تقريباً | 270 روپيا تقريباً |




1 اها معلومات سوئي نادرن گيس پائيپ لائينز لميٽڊ مرڪز الاوليا لاهور اپريل 2012 جي بل مان ورتي وئي آهي

